SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XII مجريہ 1985

# SINDH ACT NO.XII OF 1985

# سنڌ جي وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1985

# THE SINDH MINISTERS (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ACT, 1985

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي دفعہ 3_A جي ترميم
Amendment of section 3_A of Sindh Act VIII of 1975

3. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of section 5 of Sindh Act VIII of 1975

4. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي دفعہ 6 جي ترميم
Amendment of section 6 of Sindh Act VIII of 1975

5. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي دفعہ 6_A جي ترميم
Amendment of section 6_A of Sindh Act VIII of 1975

6. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي دفعہ 7 جي ترميم
Amendment of section 7 of Sindh Act VIII of 1975

7. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي دفعہ 10 جي ترميم
Amendment of section 10 of Sindh Act VIII of 1975

8. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي دفعہ 16 جي ترميم

Amendment of section 16 of Sindh Act VIII of 1975

# سنڌ ايڪٽ نمبر XII مجريہ 1985
# SINDH ACT NO.XII OF 1985
## سنڌ جي وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1985
## THE SINDH MINISTERS (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ACT, 1985

[8 جنوري 1986]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ جي وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ جي وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت جوڙي نافذ ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1985 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ 10 مارچ 1985 کانپوءِ وڏي وزير طرفان پهريون پيرو آفيس سنڀالڻ واري تاريخ کان لاڳو سمجهيو ويندو.

1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 3-A جي

2. سنڌ جي وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 3-A لاءِ هيٺين ريت

| | |
|---|---|
| متبادل ٿيندو:<br>"(اڪئپمينٽ الائونس) 3_A. وڏو وزير يا وزير، پنهنجي اهڙي پهريون پيرو چونڊ تي، اڪئپمينٽ الائونس ٿي هزار ۽ پنج سئو رپيا ۽ ٽي هزار رپيا ترتيبوار حاصل ڪندا.<br>بشرطيڪ اڪئپمينٽ الائونس حاصل نہ ڪري سگهبو جيڪڏهن ساڳئي مقصد لاءِ اسيمبلي جي مدي دوران، اڳواٽ وڏي وزير، وزير، اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر طور مقرري يا چونڊ تي ساڳيو الائونس حاصل ڪري چڪو هجي. | ترميم<br>Amendment of section 3_A of Sindh Act VII of 1975 |
| 3.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 5 ۾، لفظن "ٽي هزار رپيا هوندا" لاءِ لفظ "ترتيبوار ڇهہ هزار رپيا ۽ پنج هزار رپيا هوندا" متبادل ٿيندا. | 1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 5 جي ترميم<br>Amendment of section 5 of Sindh Act VII of 1975 |
| 4.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 6 ۾، لفظن "ٻہ هزار رپيا ۽ هڪ هزار رپيا ۽ پنج سئو رپيا" لاءِ لفظ "چار هزار رپيا ۽ ٽي هزار رپيا" متبادل ٿيندا. | 1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 6 جي ترميم<br>Amendment of section 6 of Sindh Act VII of 1975 |
| 5. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 6_A لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:<br>"(صوابديدي گرانٽ) 6_A. (1) هڪ وزير پنهنجي صوابديد تي سال دوران پنجاهہ هزار رپين تائين گرانٽس ڪري سگهي ٿو. | 1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 6_A جي ترميم<br>Amendment of section 6_A of Sindh |

| | |
|---|---|
| (2) گرانٽس جا اڪائونٽس ساليانو اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ يا سندس نامزد ڪيل طرفان آڊٽ ڪيا ويندا.". | Act VII of 1975 |
| 6. چالُو ايڪٽ جي دفعه 7 ۾: (a) ذيلي دفعات (1)، (2) ۽ (3) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو: | 1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعه 7 جي ترميم Amendment of section 7 of Sindh Act VII of 1975 |

"(1) وڏو وزير يا وزير، جيئن معاملو هجي، ان کي هڪ ان جي عهدي جي مدي دوران هڪ مفت سينگاريل سنواريل سرڪاري رهائش فراهم ڪئي ويندي:

بشرطيڪ هڪ وزير جي سرڪاري رهائشگاهه جي سنوار سينگار تي خرچ پنجاهه هزار رپين کان وڌيڪ نه هوندو.

"(2) جتي هڪ وزير کي سرڪاري رهائش ناهي مهيا ڪئي وئي يا اهو نجي رهائش اختيار ڪرڻ کي ترجيح ڏئي ٿو ته، ان کي اٺ هزار رپيا پنهنجي گهر جي صورت ۾ ڏنو ويندو يا پريو ويندڙ حقيقي ڀاڙو، وڌ ۾ وڌ اٺ هزار رپيا ماهوار ڀاڙي تي ورتل گهر جي صورت ۾ ڏنو ويندو، ۽ واڌو طور ويهه هزار رپين جي رقم گهر جي سنوار سينگار لاءِ فقط هڪ ڀيرو ڏهين مارچ 1985 کانپوءِ اسيمبلي جي مدي دوران پهريون ڀيرو وزير يا اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر طور چونڊجڻ تي يا نئين اسيمبلي جي چونڊ تي ڏنو ويندو.

(3) سرڪاري رهائش ۾ مهيا ڪيل سامان جو معيار چيف سيڪريٽري، ماليات سيڪريٽري ۽ سيڪريٽري ڪميونيڪيشنز اينڊ ورڪس ڊپارٽمينٽ تي مشتمل ڪميٽي جي فيصلي تحت

هوندو.

(b)ذيلي دفعہ (6) کانپوءِ هيٺين وضاحت جو اضافو ڪيو ويندو:

**"وضاحت:** هن دفعہ جي مقصد لاءِ "سنوار سينگار" ۾ شامل آهي ڪمرن جي قسم يا استعمال موجب فرنيچر، ڊيڪوريشن پيسز بشمول تصويرن ۽ پينٽنگس، پردن جي ۽ ڪمرن بشمول لائونجز ۽ ويرانڊن جي فلور ڪارپيٽنگ".

7. چاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 10 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظن "هڪ سئو رپيا" لاءِ لفظ "هڪ سئو ۽ پنجويهہ رپيا" متبادل ٿيندا.

1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 10 جي ترميم

Amendment of section 10 of Sindh Act VII of 1975

8. چاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 16 ۾ ذيلي دفعہ (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(2) وڏو وزير يا وزير، جيئن معاملو هجي، ان ڪي پگهار برابر موڪل جو الائونس ڏنو ويندو.".

1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 16 جي ترميم

Amendment of section 16 of Sindh Act VII of 1975

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**